قرآني بيان

# خود فريبي جا نقصان

مدني مراڪز (فيضان مدينه) ۽ شعبه امام مسجد (دعوت اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ

04-April-2025

## جمعة المبارڪ جو



**مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مسجد (دعوتِ اسلامي)**
**جي تحت مسجدن جي لاءِ**

**4 اپريل 2025ع (متوقع اسلامي تاريخ 5 شوال، 1446 ھ)**
**جمعة المبارڪ جو**

# قرآني بيان
## بنام
# خود فريبي جا نقصان

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ

- **منافقن جو هڪ عيب**
- **ظاهر ۽ باطن جي تضاد کان بچو**
- **ٻين کي ڌوڪو نہ ڏيو**
- **بني اسرائيلي عبادت گذار ۽ گنهگار**

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَارَسُوْلَ الله وَعَلٰی آلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَاحَبِیْبَ الله

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَانَبِیَّ الله وَعَلٰی آلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَانُوْرَ الله

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنت اعتڪاف جي نيت ڪئي)

# درود پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صلّی اللهُ عَلَیْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ هڪ هزار (1000) دفعا درودِ پاڪ پڙهيو اهو ان وقت تائين نہ مرندو جيستائين جنت ۾ پنهنجي جاءِ نہ ڏسي وٺي. (1)

پڑھتا رہوں کثرت سے درود ان پہ سدا میں | اور ذِکر کا بھی شوق پئے غوث و رضا دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ یَّقُوْلُ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَبِالْیَوْمِ الْاٰخِرِ وَمَا هُمْ بِمُؤْمِنِیْنَ ۟ؕ(۸) یُخٰدِعُوْنَ اللّٰهَ وَالَّذِیْنَ اٰمَنُوْا ۚ وَمَا یَخْدَعُوْنَ اِلَّاۤ اَنْفُسَهُمْ وَمَا یَشْعُرُوْنَ ؕ(۹)

صَدَقَ اللهُ الْعَظِیْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِیُّ الْکَرِیْم صلّی اللهُ عَلَیْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

323

1....التَّرْغِیب والتَّرْهِیب، صفحہ:565، حدیث:22۔

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان پارو: 1، سورة بقره جون ٻه آيتون (آيت: **8** ۽ **9**) ٻڌڻ جو شرف حاصل ڪيو، هتي (يعني آيت: **8**) کان آيت نمبر **20** تائين ڪل **13** آيتن ۾ منافقن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي.

# ٽن قسمن جا ماڻهو

سورة بقره ۾ هن مقام تي ٽن قسمن جي ماڻهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي: **(1) متقين:** يعني اهي مخلص مسلمان جن دل سان به ايمان قبول ڪيو ۽ زبان سان به ان جو اقرار ڪيائون، اهي ئي ماڻهو هدايت تي آهن، اهي ئي ڪامياب آهن، اِهي ئي اُهي خوش نصيب آهن جيڪي قرآنِ ڪريم جي هدايت کي قبول ڪندا آهن، ان مان فائدو حاصل ڪند آهن ۽ پنهنجي دنيا ۽ آخرت سنوارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن. **(2) اهي ماڻهو:** جن نه زبان سان ايمان قبول ڪيو، نه انهن جي دل ۾ ايمان جو نور داخل ٿيو، اِهي غير مسلم، ضدي، هٺ ڌرم آ هن، انهن جي دلين تي، ڪنن تي مُهر لڳي چڪي آهي، اکين تي پردا آهن ۽ آخرت ۾ انهن جي لاءِ وڏو عذاب آهي. **(3) اهي بدبخت ماڻهو:** جن زبان سان ته ڪلمو پڙهيو پر انهن جي دل ۾ ايمان داخل نه ٿيو، انهن دل ۾ ڪفر لڪايو ۽ ڪوڙي منهن سان ڪلمو پڙهيائون، اهي منافق آهن، اهي ئي سڀ کان بدتر غير مسلم آهن، انهن جي ئي متعلق الله ڪريم فرمايو:

| | |
|---|---|
| اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ فِي الدَّرْكِ الْاَسْفَلِ مِنَ النَّارِۚ<br>(پارو:**5**، سورة نِسَآء، آيت:**145**) | ترجمو كنزالعرفان: بيشڪ منافق دوزخ جي سڀ کان هيٺين طبقي ۾ آهن |

معلوم ٿيو تہ منافقن کي غير مسلمن کان بہ وڌيڪ سخت عذاب ٿيندو.[1] اَلْاَمان وَالْحَفِيْظ! الله پاڪ اسان کي دوزخ جي عذاب کان محفوظ فرمائي.

الٰہی ! جہنّم سے آزاد کر دے | میں فِردوس میں داخلہ مانگتا ہوں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## منافقن جو هڪ عجيب انداز

پيارا اسلامي ڀائرو! منافق جيئن تہ نهايت سخت، بدتر ۽ سيني کان وڌيڪ نقصان پهچائڻ وارا آهن، ان ڪري الله ڪريم هن مقام تي انهن جو تفصيل سان ذڪر فرمايو، انهن جون نشانيون، انهن جو بدتر ڪردار ۽ عيب واضح طور بيان ڪيا تہ جيئن مسلمان انهن کي سڃاڻن ۽ انهن جي شر کان محفوظ رهن.[2] جيئن تہ الله ڪريم فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ ڪجھ ماڻهو چون ٿا |

هتي منافقن کي ”ڪجھ ماڻهو“ چئي مخاطب ڪيو ويو، مطلب هي آهي تہ منافق ان لائق ئي نہ آهن جو انهن جو ذڪر ڪنهن صفت يا خوبي سان ڪيو وڃي.[3] بس اهي ڪجھ بدبخت ماڻهو آهن جيڪي چون ٿا. ڇا ٿا چون ؟

323

1… تفسیر خزائن العرفان، پارہ:5، سورۂ نسآء، زیر آیت:145۔
2… تفسیر نعیمی، پارہ:1، سورۂ بقرہ، زیرِ آیت:8، جلد:1، صفحہ:160 ملخصاً۔
3… تفسیر صراط الجنان، پارہ:1، سورۂ بقرہ، زیرِ آیت:8، جلد:1، صفحہ:73 ملخصاً۔

| | |
|---|---|
| اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَ بِالْیَوْمِ الْاٰخِرِ | ترجمو ڪنزالعرفان: تہ اسان الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آندو |

هي اسلامي عقيدن جا بہ ڪنارا آهن.[1] سڀ کان پهريون عقيدو الله پاڪ کي هڪ مڃڻ ۽ سڀ کان آخري عقيدو قيامت تي يقين رکڻ. نبين تي ايمان، فرشتن تي ايمان، الله پاڪ جي ڪتابن ۽ بين سيني ضروري اسلامي عقيدن تي ايمان انهن بنهي ۾ اچي ويو، يعني منافقن چيو: اسان الله تي بہ ايمان آندو، ان جي رسولن تي، ڪتابن تي، غرض تہ سيني اسلامي عقيدن تي ايمان آندو. پر الله ڪريم فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَ مَا هُمْ بِمُؤْمِنِیْنَ ﴿۸﴾ | ترجمو ڪنزالعرفان: حالانڪ اهي ايمان وارا نہ آهن |

يعني اهي منافق چون ٿا تہ اسان ايمان آندو، اسان پڪا مسلمان آهيون پر انهن جو اهو اقرار، انهن جو اهو ايمان صرف زبان جي حد تائين آهي، اهي بدبخت دل سان ڪلمو نہ پڙهندا آهن.

هتي ذهن ۾ سوال ايري ٿو تہ جيڪڏهن انهن کي ايمان قبول ڪرڻو ئي نہ هو، دل سان ڪلمو پڙهڻو ئي نہ هو تہ پوءِ زبان سان چو چوندا هئا؟ الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| یُخٰدِعُوْنَ اللّٰهَ وَ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا ۚ | ترجمو ڪنز العرفان: اهي ماڻهو الله کي ۽ ايمان وارن کي ڌوڪوڏيڻ چاهين ٿا. |

يعني اُهي زبان سان ايمان جو اظهار ڪندا آهن تہ جيئن ڪين



1...تفسیر نعیمی، پارہ:1، سورۂ بقرہ، زیرِ آیت:8، جلد:1، صفحہ:161۔

www.dawateislami.net

مسلمان ئي سمجهيو وڃي، انهن تي اهي ئي مهربانيون ٿين جيڪي مسلمانن تي ڪيون وينديون آهن، رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صلّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم انهن سان بہ اهڙي ئي شفقت سان پيش اچن جيئن مسلمانن سان پيش ايندا آهن، مسلمان انهن کي پنهنجو ڀاءُ سمجهن، انهن جي جان ۽ مال جي حفاظت ائين ٿئي جيئن مسلمان جي جان ۽ مال جي حفاظت ٿيندي آهي، انهن کي اهي سڀ فائدا ملن جيڪي هڪ اسلامي سلطنت ۾ هڪ مسلمان کي ملندا آهن ۽ ساڳئي ئي وقت اهي پنهنجي دل ۾ ڪفر بہ لڪائي رکندا آهن مطلب تہ اهي اللہ پاڪ کي ۽ اهلِ ايمان کي ڌوڪو ڏيڻ جي ڪوشش ۾ آهن. جڏهن تہ حقيقت هي آهي تہ:

وَمَا يَخْدَعُوْنَ اِلَّاۤ اَنْفُسَهُمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ؕ۝۹

ترجمو ڪنز العرفان: جڏهن تہ اهي صرف پنهنجو پاڻ کي ڌوڪو ڏئي رهيا آهن ۽ انهن کي شعور نہ آهي.

اللہ پاڪ کي ۽ ان جي پياري محبوب صلّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم کي ڀلا ڪيئن ڌوڪو ڏئي سگهجي ٿو...؟ ڌوڪو تہ ان کي ڏئي سگهجي ٿو جنهن کان ڪجهہ لڪل هجي A جڏهن تہ ۞ اللہ پاڪ علّامُ الْغُيُوب (غيبن کي ڄاڻڻ وارو) آهي، هو سڀ لڪيل ڳالهيون ڄاڻي ٿو ۞ دلين جي حال کان بہ چڱي طرح واقف آهي ۞ ڪائنات جي وسعتن ۾ هڪ ذرو بہ اهڙو ناهي جيڪو ربِ قدير کان لڪي سگهي، تنهنڪري اللہ پاڪ کي هرگز هرگز ڌوڪو ڏئي نہ ٿو سگهجي A ائين ئي اللہ پاڪ جا محبوب نبي، رسولِ هاشمي صلّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

الله پاڪ جا خليفهءِ اعظم آهن ۞ ربِ قدير پنهنجي حبيب صلّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم کي مَاكَانَ وَ مَا يَكُوْنُ (يعني جيڪو ٿي چڪو، جيڪو ٿيندو) سڀ جو علم عطا فرمايو آهي ۞ پاڻ صلّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم تہ شروع کان ئي هر هڪ جي حقيقت ۽ هر هڪ جي انجام کان خبردار آهن ۞ پاڻ معراج جي رات سيني غير مسلمن ۽ تمام اهلِ ايمان کي ڏسي آيا ۞ اوهان صحابہءِ ڪرام عليهم الرضوان کي بہ جنتين ۽ دوزخين جي نالن جا رجسٽر ڏيکاريا ۞ اوهان صلّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم وڏي کان وڏي غير مسلم جي ايمان آڻڻ جي خبر ڏني تہ اهو آخرڪار مسلمان ٿي ئي هن دنيا مان ويو ۞ جنهن جي متعلق ڪفر تي مرڻ جي خبر ڏنائون، اهو غير مسلم تي هلاڪ ٿيو. اهڙي باڪمال رسول، رسولِ مقبول صلّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جيڪي سيني جي حقيقت ۽ سيني جي انجام کان خبردار هجن، انهن کي ڀلا ڪيئن ڌوڪو ڏئي سگهجي ٿو؟ (1)

تنهنڪري سچ اهو آهي تہ هِي منافق ماٿهو پاٽيءَ تي ديوار ناهڻ جي فڪر ۾ آهن، يعني ناممڪن ڪمن جي پويان آهن، اهي سمجهن ٿا تہ زبان سان ڪلمو پڙهي، ظاهري طور پنهنجي ايمان جو اظهار ڪري ۽ دل ۾ ڪفر لڪائي الله پاڪ کي، ان جي پياري محبوب صلّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم کي ۽ اهلِ ايمان کي ڌوڪو ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا، پر حقيقت هيءَ آهي تہ **هي بدبخت خود فريبي ۾ مبتلا آهن، پنهنجو پاڻ کي ئي ڌوڪو ڏئي رهيا آهن** پر کين شعور ئي نہ



1… تفسير نعيمى، پاره:1، سورۂ بقره، زيرِ آيت:9، جلد:1، صفحہ:164و165 ملخصًا۔

آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

# آيتن مان ملڻ وارا سبق

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ٻه آيتون جيڪي اسان ٻڌڻ جو شرف حاصل ڪيو، انهن مان اسان کي ڪيترين ئي ڳالهيون سکڻ لاءِ ملن ٿيون. ٻه اهم بنيادي سبق جيڪي هتي کان اسان کي سکڻ لاءِ مليا:

## (1): ظاهر ۽ باطن جي تضاد کان بچو...!!

انهن مان پهريون درس ته هي آهي ته ظاهر ۽ باطن جو تضاد هڪ وڏو عيب آهي. منافقن جو اصل جرم ڪهڙو هو؟ اهو ئي ته هو ته انهن جو باطن انهن جي ظاهر جي برعڪس هو، اهي دل ۾ ڪفر لڪائي زبان سان ڪلمو پڙهندا هئا. تنهنڪري اسان کي منافقن واري هن عيب کان هر وقت بچڻ گهرجي.

ظاهر ۽ باطن جو تضاد جيڪڏهن ايمانيات جي معاملي ۾ هجي، يعني بندو دل ۾ ڪفر لڪائي زبان سان ڪلمو پڙهي، ته اهو **نفاقِ اعتقادي** آهي ۽ اهو بدترين ڪفر آهي. ان کان علاوه جيڪڏهن اهو تضاد ايمانيات جي معاملي ۾ نه هجي بلڪ عملن ۽ ڪردار جي معاملي ۾ هجي ته اهو جيتوڻيڪ ڪفر ته ناهي، پر اهو به هڪ وڏو عيب آهي. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَ اللّٰهِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ﴿۳﴾ | ترجمو ڪنز العرفان: الله جي ويجهو هيءَ وڏي سخت ناپسنديده ڳالهه آهي جو توهان |

(پارو: **28**، سورة صف، آيت: **3**) | اهو چئو جيڪو نہ ڪيو!

ڪوڙ ڳالھائڻ، امانت ۾ خيانت ڪرڻ، واعدي خلافي ڪرڻ، اهي سڀ ظاهر ۽ باطن جي اختلاف جون ئي صورتون آهن ۽ حديثن ۾ بہ انهن کي منافق جون نشانيون قرار ڏنو ويو آهي. جيئن:

# منافق جون چار نشانيون

سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب وسينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم فرمايو: چار ڳالھيون اهڙيون آهن جو اهي جنهن ۾ بہ هجن اهو خالص منافق آهي توڙي جو نمازون پڙهي، روزا رکي ۽ پاڻ کي مسلمان سمجهي ۽ جنهن ۾ انهن مان هڪ خصلت موجود هجي تہ ان ۾ نفاق جو هڪ شعبو موجود آهي ايسيتائين هو ان کي ڇڏي ڏئي: **(1):** اِذَا اُئْتُمِنَ خَانَ امانت ڏجيس تہ خيانت ڪري **(2):** وَاِذَا حَدَّثَ كَذِبَ جڏهن ڳالھائي تہ ڪوڙ ڳالھائي **(3):** وَاِذَا عَاهَدَ غَدَرَ واعدو ڪري تہ پورو نہ ڪري **(4):** وَاِذَا خَاصَمَ فَجَرَ جهيڙو ڪري تہ گاريون ڏئي. **(1)**

اهڙي طرح منافق جون ٻيون بہ ڪيتريون ئي نشانيون آهن ۽ جنهن ۾ اهي برايون هجن، اهو جيتوڻيڪ مسلمان ئي آهي پر ان جو ڪردار، ان جا عمل منافقن جهڙا آهن. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان اهڙين براين کان هر دم بچندا رهون، پنهنجو ظاهر ۽ باطن هڪ جهڙو رکون. الله پاڪ اسان کي نفاقِ اعتقادي ۽ نفاقِ عملي ٻنهي کان محفوظ فرمائي.

ہوں بظاہر بڑا نیک صُورت | کر بھی دے مجھ کو اب نیک سیرت



1…بخاری، کتاب الایمان، باب علامۃ المنافق، صفحہ:79، حدیث:34۔

www.dawateislami.net

| | |
|---|---|
| ظاہِر اچھا ہے ، باطِن بُرا ہے | یاخُدا تجھ سے میری دُعا ہے |
| عیب دُنیا میں تُو نے چھپائے | حشر میں بھی نہ اب آنچ آئے |
| آہ ! نامہ مرا کھل رہا ہے | یاخُدا تجھ سے میری دُعا ہے |

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (2): خود فريبي کان بچو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! ٻيو اهم درس جيڪو اسان کي انهن آياتِ ڪريمہ مان سکڻ لاءِ مليو، سو اهو تہ خود فريبي (يعني پنهنجو پاڻ کي ڌوڪو ڏيڻ) کان هميشہ بچڻ گهرجي، ڏسو! منافقن جي وصف ڪهڙي بيان ڪئي وئي؟ الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَمَا يَخْدَعُوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ﴿۹﴾ | ترجمو ڪنز العرفان: جڏهن تہ اهي صرف پنهنجو پاڻ کي ڌوڪو ڏئي رهيا آهن ۽ انهن کي شعور نہ آهي. |

معلوم ٿيو تہ اها منافقن جي حماقت ۽ انهن جي ڪم عقلي آهي جو اهي چاهيندي نہ چاهيندي بہ پنهنجو پاڻ کي ڌوڪو ڏيندا رهندا آهن. اسان کي گهرجي تہ اسان اهڙي حماقت کان هميشہ بچندا رهون.

## خود فريبي جا نقصان

خود فريبي تمام گهڻو نقصانڪار عمل آهي. اوهان اندازو

لڳايو! ۞ لَااِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ پڙهي ماڻهو مسلمان ٿي ويندو آهي پر منافق اهوئي ڪلمو پڙهي غير مسلم جو غير مسلم ئي رهيا ۞ لَااِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ پڙهي ٻانهو جنت جو حقدار ٿي ويندو آهي پر منافق اهو ئي ڪلمو پڙهي جهنم جي سڀ کان هيٺين درجي جا مستحق بڻجي ويا ۞ جيڪو شخص سچي دل سان ڪلمو پڙهي، ان جا اڳيان گناهه مٽجي وڃن ٿا پر منافقن جي گناهن ۾ واڌارو ٿي ويو.

صحابهءِ ڪرام عليهم الرضوان مسجدِ نبوي شريف ۾ نمازون پڙهندا هئا، پياري آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي چهرِي پرنور جي زيارت ڪندا هئا، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جو پاڪيزهه ڪلام ٻڌندا هئا، بلڪل اهو ئي ڪم منافق به ڪندا هئا، اهي به مسجدِ نبوي شريف ۾ نمازون پڙهندا هئا، اهي به بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيندا هئا، اهي به چهرهءِ والضحىٰ جي زيارت ڪندا هئا، پر فرق ڏسو ڪيڏو وڏو آهي: ۞ انهيءَ ئي چهرِي والضحىٰ کي ڏسڻ جي برڪت سان صحابه جنتي ٿي ويا پر منافق (پنهنجي نفاق جي ڪري) جهنم جا حقدار ٿيا ۞ انهي ئي چهرهءِ پرنور کي ڏسڻ جي برڪت سان صحابهءِ ڪرام عليهم الرضوان قيامت تائين اچڻ وارن وڏن ولين، عالمن، صالحن، مطلب ته سيني مسلمانن جا سردار بڻجي ويا ۽ منافق...!! لعنت جا حقدار بڻجي ويا ۞ انهي ئي چهرهءِ پرنور جي زيارت جي برڪت صحابن کي نصيب ٿي، قيامت تائين انهن جي عزت، انهن جو احترام دلين ۾ داخل ڪيو ويو، اڄ تائين انهن جو ذڪر ڪتابن ۾ لکيو وڃي ٿو، منبرن تي

انهن جي نالن جي گونج آهي، خطبن ۾ انهن لاءِ دعائون ڪيون وڃن ٿيون، صحابهءِ ڪرام جي نالن جون محفلون مچن ٿيون، انهن جي نالن جا نعرا لڳن ٿا، صحابهءِ ڪرام جو نالو ٻڌي اڄ ٻه نظرون ادب سان جهڪي وڃن ٿيون پر منافق...!! ڪيڏا نه بدبخت هئا، انهن ٻه انهي ئي چهرهءِ پرنور جي زيارت ڪئي، اهوئي ڪلمه طيبه پڙهيو، مسجدِ نبوي شريف ۾ نمازون ٻه پڙهيون پر اڄ انهن جو ڪو نالو ٻه نه ٿو ڄاڻي، جيڪي ڄاڻن ٿا، اهي ٻه انهن تي لعنت ئي موڪلين ٿا، نفرت ئي ڪن ٿا، انهن جو ادب ڪوئي نه ٿو ڪري.

آخر اهي منافق ايڏي وڏي نقصان جا حقدار ڇو ٿيا؟ خود فريبي جي ڪري. اهي بدبخت الله پاڪ کي، ان جي پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم کي ۽ اهلِ ايمان کي ڌوڪو ڏيڻ چاهيندا هئا پر انهن ڌوڪو ڪنهن کي ڏنو؟

وَمَا يَخۡدَعُوۡنَ اِلَّآ اَنۡفُسَهُمۡ وَمَا يَشۡعُرُوۡنَ ؕ﴿۹﴾

اهي پنهنجو پاڻ کي ئي ڌوڪو ڏيندا رهيا پر انهن کي شعور نه آيو. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته اسان خود فريبي کان هر وقت بچندا رهون. مثلاً:

## A . ٻين کي ڌوڪو نه ڏيو!

ٻين کي ڌوڪو ڏيڻ هڪ خود فريبي آهي ۞ جيڪي تور ۽ ماپ ۾ گهٽتائي ڪندا آهن ۞ شيءِ جو عيب لڪائي وڪرو ڪندا آهن ۞ ناقص مال کي اعلىٰ چئي وڪڻندا آهن ۞ نوٽن جي دستيءَ ۾ نقلي نوٽ لڪائي ڏيندا آهن، اهي سمجهندا آهن ته اسان سامهون واري کي ڌوڪو ڏئي ڇڏيو، پر حقيقت ۾ اهي پنهنجو پاڻ

کي ڏوکو ڏئي رهيا هوندا آهن.

هن واقعي مان ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو! هڪ شخص هو، ان کي مٿي کائڻ جي عادت هئي، هڪ ڀيرو هو ڪنهن دڪان تان چانور خريد ڪرڻ ويو، پراڻو دور هو، اڄ جي دور جيان اليڪٽريڪل ڪانٽا تہ نہ هوندا هئا، دڪاندار وٽ پراڻي دور جي سادي تارازي ۾ (وزن ڪرڻ لاءِ) مٽيءَ جا وَٽَ رکيل هئا، گراهڪ سودو گهريو، مثلاً چيائين: هڪ ڪلو چانور ڏي. دڪاندار مٽيءَ جا وَٽَ تارازي تي رکيا ۽ پاڻ اندر چانور ڪڍڻ ويو، ان سودو خريد ڪرڻ واري کي مٽي کائڻ جي عادت هئي، جڏهن دڪاندار اندر ويو تہ هن چوري چوري وَٽَ مان مٽي کائڻ شروع ڪئي، دڪاندار ذهين هو، ان جي مٿس نظر پئجي وئي، جڏهن هن ڏٺو تہ هي وَٽَ مان مٽي کائي رهيو آهي تہ هن چانور ڪڍڻ ۾ جاڻي واڻي ٿورو وڌيڪ وقت لڳايو، ايتري دير تائين هي وَٽَ مان مٽي کائيندو رهيو، خير! ٿوري دير کان پوءِ دڪاندار انهيءَ ئي وَٽَ سان چانور توريا ۽ گراهڪ کي ڏئي ڇڏيائين، هو ڪٽي گهر هليو ويو، گهر پهچي جڏهن وزن ڪيائين تہ چانور ٿورا هئا، وڏي ڪاوڙ آيس، ٻڙٻڙائيندو واپس دڪاندار وٽ آيو ۽ ڪاوڙ ۾ رڙيون ڪندي چيائين: تون ڌوکو ڏين ٿو، تو سودو پورو نہ ڏنو آهي، مون هڪ ڪلو چانور گهريا هئا، هي تہ گهٽ آهن...!!

دڪاندار ان جي ڳالهہ ٻڌي چيو: منهنجو هي وَٽُ پورو هڪ ڪلو جو هو، ان مان مٽي تو ئي کاڌي آهي، جيتري مٽي تو کاڌي، اوترو وزن گهٽجي ويو. تنهنڪري ڏوهہ اصل ۾ منهنجو نہ پر تنهنجو آهي.

هي سمجهائڻ لاءِ هڪ واقعو آهي، پر ڳالهه واقعي سچي آهي ته جيڪو ٻين کي ڌوڪو ڏئي رهيو هوندو آهي، اهو سمجهي هي رهيو هوندو آهي ته مان وڏو عقلمند آهيان، وڏن وڏن کي بيوقوف بڻائي ويندو آهيان پر حقيقت اها آهي ته هو خود فريبي ۾ مبتلا آهي، ٻين کي نه پر پنهنجو پاڻ کي ڌوڪو ڏيڻ ۾ مصروف آهي.

## خريد وفروخت ۾ خود فريبي جا نقصانات

ڏسو! جيڪڏهن ماڻهو تور ۽ ماپ ۾ ڪمي نه ڪري، خريد ۽ وڪري ۾ سچ ڳالهائي، ڌوڪو نه ڏئي ته ان جو اهوئي ڪاروبار سٺي نيت سان هجي ته حلال ڪمائي جي ڪري بهترين عبادت ۾ شمار ٿيندو پر انهيءَ ئي ڪاروبار ۾ جڏهن ڌوڪو شامل ٿي وڃي ته اُلٽو گناهه بڻجي ويندو آهي. ڌوڪو ڏيڻ جي ڪري جيتوڻيڪ بظاهر مال اڃي نظر اچي رهيو هوندو آهي پر ڏسو! وڃي ڇا رهيو آهي ۞ دوڪو ڏيڻ جي ڪري برڪت ختم ٿي وئي ۞ ڌوڪو ڏيڻ جي ڪري عافيت رخصت ٿي وئي ۞ ڌوڪو ڏيڻ جي ڪري مال ته آيو پر ان سان گڏ بيماري به اچي سگهي ٿي، قرضداري به اچي سگهي ٿي، آفتون به اچي سگهن ٿيون ۽ ۞ سڀ کان وڏو نقصان اهو ته اهو ئي سودو جيڪڏهن ايمانداري سان ٿئي ها ته ان تاجر کي جنت جو حقدار بڻائي ها، پر جڏهن ان ۾ ڌوڪو اچي ويو، خيانت شامل ٿي وئي ته هاڻي هي سودو ان کي جهنم جو حقدار بڻائيندو.

## هڪ داڻي جي بدلي جنت وڪڻڻ وارو

هڪ بزرگ رَحمةُ اللهِ عَلَيْهِ جي عادت هئي ته **جڏهن به ڪا شيءِ خريد ڪندا هئا ته اڌ داڻو گهٽ وٺندا هئا ۽ جڏهن ڪا شيءِ**

**وڪٽندا هئا ته هڪ داڻو وڌيڪ ڏيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: خرابي آهي ان جي لاءِ جيڪو هڪ داڻي جي بدلي ۾ اها جنت وڪڻي ٿو جنهن جي وسعت زمين ۽ آسمان کان وڌيڪ آهي ۽ ڪيتري نقصان ۾ آهي اهو شخص جيڪو وَيل (يعني جهنم) جي بدلي ۾ طُوبىٰ (يعني جنت) کي وڪڻي ڇڏي ٿو.** (1)

اها آهي خود فريبي...!! اندازو لڳايو! جنت جا اهي عظيم الشان محل جن جي قيمت لاءِ دنيا جي سموري دولت به ڪجهه ناهي، بيبن کي ڏوڪو ڏيڻ وارو ڪجهه پئسن جي بدلي ۾ جنت جا اهي محل وڪڻي ٿو ڇڏي، اها خود فريبي ناهي ته پوءِ ٻيو ڇا آهي...؟؟ تنهنڪري اسان کي گهرجي ته اسان خود فريبي کان بچون، هميشه امانتدار رهون، ڪنهن کي به ڏوڪو نه ڏيون.

مرے دِل سے دُنیا کی چاہت مٹا کر
کر اُلفت میں اپنی فنا یاالٰہی !

تُو اپنی وِلایت کی خیرات دیدے
مرے غوث کا واسِطہ یاالٰہی !

بنا دے مجھے نیک نیکوں کا صَدقہ
گُناہوں سے ہر دَم بچا یاالٰہی !

# رحمت جي اميد تي گناهه نه ڪريو!

اهڙي طرح **"رحمت جي اميد تي گناهه ڪرڻ"** به خود فريبي آهي. الله پاڪ جي رحمت تي اميد رکڻ وڏي فضيلت واري ڳالهه آهي، اها اسان جي ايمان جو حصو آهي، رحمتِ رحمٰن ۾ اميد رکڻ نبين، ولين جو طريقو آهي، پر الله پاڪ جي رحمت جي اميد تي گناهن جو شڪار ٿي وڃڻ اها خود فريبي آهي، پنهنجو پاڻ سان



1... احیاءالعلوم، کتاب: آداب الکسب، باب الثالث: فی بیان العدل، جلد:2، صفحہ:99۔

ڏوڪو آهي.

## بي وقوف ڪير...؟

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم فرمايو: اَلْعَاجِزُ مَنْ أَتْبَعَ نَفْسَهُ هَوَاهَا وَتَمَنّٰى عَلَى الله يعني بيوقوف آهي اهو شخص جيڪو نفساني خواهشن جي تابعداري جي باوجود الله پاڪ کان تمنا رکي. [(1)]

معلوم ٿيو تہ اهڙو شخص جيڪو گناهِ ڪبيره ڪري، فرائض ڇڏي ڏي، واجبات ترڪ ڪري ڇڏي، پنهنجن گناهن کان توبهہ بہ نہ ڪري ۽ ان سان گڏ جنت جي اميد بہ لڳائي رکي تہ اهڙو ماڻهو بيوقوف آهي.

جڏهن الله پاڪ ۽ ان جي پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم واضع ٻڌائي ڇڏيو آهي تہ: ۞ نماز نہ پڙهڻ وارو جهنم جو حقدار آهي ۞ فرض روزا قضا ڪرڻ وارو ۞ فرض هجڻ جي باوجود زڪوٰت نہ ڏيڻ وارو ۞ ماءُ پيءُ جو نافرمان ۞ پاڙيسرين کي تڪليف ڏيڻ وارو ۞ مسلمان ڀائرن کي ناحق نقصان پهچائڻ وارو جهنم جو حقدار آهي، تہ پوءِ اهي ڪم ڪرڻ وارو پاڻ کي جنت جو حقدار ڪيئن چوِرائي سگهي ٿو؟ اوهان پاڻ غور ڪريو! هڪ ماڻهو آهي جيڪو الله پاڪ جي محبت ۾ نرم نرم بسترو ڇڏي رهيو آهي، پنهنجي ننڊ قربان ڪري رهيو آهي، صبح صبح اٿي نماز پڙهڻ جي لاءِ مسجد ۾ پهچي رهيو آهي ۽ ٻيو ماڻهو مني مني ننڊ جا مزا وٺي رهيو آهي، نمازون قضا ڪري رهيو آهي، ڇا اهي



1...ترمذی، ابواب صفة القيامة...الخ، صفحہ:583، حدیث:2459۔

ٻئي برابر ٿي سگھن ٿا؟ هرگز نہ ٿا ٿي سگھن، اللّٰہ پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اَفَنَجۡعَلُ الۡمُسۡلِمِیۡنَ كَالۡمُجۡرِمِیۡنَ ﴿۳۵﴾ مَالَكُمۡ ۟ كَیۡفَ تَحۡكُمُوۡنَ ﴿۳۶﴾ (پارو: **29**، سوره قلم، آيت: **36،35**) | ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ ڇا اسان مسلمانن کي مجرمن جھڙو ڪري ڇڏيون، توهان کي ڇا ٿيو؟ ڪھڙو حڪم لڳايو ٿا؟ |

اهو ڪيئن ٿي سگھي ٿو؟ نيڪوڪار ۽ گنهگار، نمازي ۽ بي نمازي، روزيدار ۽ روزا قضا ڪرڻ وارو، سخي ۽ ڪنجوس، ماءُ پيءُ جو فرمانبردار ۽ نافرمان برابر ڪيئن ٿي سگھن ٿا؟ نہ ٿا ٿي سگھن. تنهنڪري جيڪو گناه بہ ڪري، توبھ جي طرف مائل بہ نہ ٿئي ۽ اللّٰہ پاڪ کان جنت جي اميد بہ رکي، اهڙو ٻانهو خطا تي آهي. ٻيڙي پاڻيءَ تي هلندي آهي خشڪي تي نہ هلندي آهي، ائين ئي گناه جنت ڏانهن نہ وٺي ويندا آهن، گناه هميشہ جهنم جو حقدار ئي بڻائيندا آهن. تنهنڪري جيڪو شخص اللّٰہ پاڪ جي رحمت ۾ اميد رکي گناه ڪري رهيو آهي، اهو خود فريبي جو شڪار آهي، پنهنجو پاڻ کي ڌوڪو ڏئي رهيو آهي.

اسان کي گھرجي تہ اسان هن خمار مان نڪرون، خود فريبي ۾ مبتلا نہ ٿيون، توبھ ڪريون، گناه ڇڏيون، نيڪ عمل ڪريون پوءِ اللّٰہ پاڪ جي رحمت ۾ اميد رکون. اللّٰہ پاڪ اسان کي پنهنجي خفيہ تدبير کان ڊڄندو رهڻ جي توفيق نصيب فرمائي. آمين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم

| | |
|---|---|
| آج بنتا ہوں معزز جو کھُلے حشر میں عیب | آہ! رُسوائی کی آفت میں پھنسوں گا یارَبّ! |
| گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہو گی | ہائے میں نارِ جہنّم میں جلوں گا یارَبّ! |

عَفۡو کر اور سدا کے لئے راضی ہو جا | گر کرم کر دے تو جنّت میں رہوں گا یارَبّ!

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# تکبر کان بچو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! اهڙي ريت تڪبر بہ هڪ خود فريبي آهي، تڪبر ڪرڻ وارو پنهنجو پاڻ کي اعلىٰ ۽ افضل جڏهن تہ ٻين کي حقير سمجهي رهيو هوندو آهي، پر حقيقت ان جي اُبتڙ هوندي آهي، اهڙي طرح هو پنهنجين اکين ۾ پاڻ ئي مٿي وڃي رهيو هوندو آهي. ڏسو! شيطان تڪبر ڪيو، هن پنهنجو پاڻ کي بهتر ۽ حضرت آدم عليه السلام کي مَعَاذَ الله! گهٽ سمجهيو، جڏهن تہ حقيقت ڇا هئي؟ حضرت آدم عليه السلام اشرف المخلوقات آهن ۽ شيطان ذليل...!! پر شيطان خود فريبي يعني تڪبر ۾ مبتلا ٿي پنهنجو پاڻ کي هميشہ هميشہ لاءِ ذليل ۽ رسوا ڪري ڇڏيو. تنهنڪري ماڻهو کي گهرجي تہ هميشہ عاجزي جو پيڪر بڻيو رهي، تڪبر ۾ مبتلا ٿي پنهنجين اکين ۾ مٿي نہ وڃي.

ٿورو غور ڪريو! اسان جي حيثيت ئي ڇا آهي؟ اسان مٽيءَ جا انسان آهيون، اسان جي پيدائش هڪ قطري مان ٿي، ماڻهو وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪندا آهن جڏهن تہ اسان بيحد ڪمزور آهيون، هڪ ساهہ جي ڳالهہ آهي، جيئن ئي ساهہ رڪجي ويو، ڪو بادشاهہ آهي يا وزير، مالدار آهي يا فقير، پهلوان آهي يا بيوس ۽ لاچار، سڀ مٽيءَ جو ڍير ٿي ويندا آهن. ڪنهن شاعر چيو هو:

اِک یہ جہاں، اِک وہ جہاں

دونوں جہاں کے درمیاں
ہے فاصلہ اِک سانس کا
جو آگئی تو یہ جہاں
گر رُک گئی تو وہ جہاں

اها اسان جي حقيقت آهي، اها اسان جي حيثيت آهي. اسان کي تڪبر کان هميشہ بچندو رهڻ گهرجي.

# اسرائيلي عبادت گذارءِ گنهگار

منقول آهي: بني اسرائيل ۾ هڪ تمام گنهگار شخص هو، هڪ دفعي ان جو گذر هڪ وڏي عبادت گذار جي پرسان ٿيو، ان عبادت گذار جي مٿي تي ڪڪر سايو ڪري رهيا هئا، ان گنهگار شخص پنهنجي دل ۾ سوچيو تہ: مان بني اسرائيل جو انتهائي گنهگار شخص آهيان ۽ هي وڏو عبادت گذار آهي، جيڪڏهن مان هن جي قرب ۾ ويهان تہ اميد آهي تہ الله پاڪ مون تي بہ رحم فرمائي. اهو سوچي هو ان عابد جي پر ۾ ويهي رهيو. عابد کي ان جو ويهڻ تمام ناگوار لڳو، هن دل ۾ سوچيو: ڪٿي مون جهڙو عبادت گذار ۽ ڪٿي هي انتهائي گنهگار! هي منهنجي پرسان ڪيئن ٿو ويهي سگهي!

تنهنڪري هن تمام گهٽي حقارت سان ان ماڻهو کي مخاطب ٿيندي چيو: هتان اٿي وڃ! ان تي الله پاڪ ان زماني جي نبي عليه السلام کي وحي موڪلي تہ انهن ٻنهي کي فرماءِ تہ هو پنهنجا عمل نئين سِر شروع ڪن، مون ان گنهگار کي (ان جي حسنِ ظن جي

سبب) بخشي ڇڏيو آهي ۽ عبادت گذار جا عمل (ان جي تڪبر جي ڪري) ضايع ڪري ڇڏيا آهن. (1)

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو! هي ڪيڏو وڏو نقصان آهي، تڪبر جي ڪري عبادت گذار جي عبادت ضايع ٿي وئي ۽ عاجزي جي برڪت سان گنهگار کي بخشش جو پروانو نصيب ٿي ويو.

اها آهي خود فريبي...!! اسان نه ٿا ڄاڻون ته الله پاڪ جي بارگاهه ۾ ڪير مقبول آهي، ڪير بخشيل آهي ۽ ڪير جهنم جو حقدار آهي، تنهنڪري اسان کي هميشه الله پاڪ جي خفيه تدبير کان ڊڄندي عاجزي جو پتلو ٿي بڻيو رهڻ گهرجي.

# بيان جو خلاصو

اسان قرآن ڪريم جي روشني ۾ منافقن جا ٻه عيب پڙهيا: **(1):** منافقن جو ظاهر ڪجهه ۽ باطن ڪجهه هوندو آهي، تنهنڪري اسان کي گهرجي ته اسان پنهنجو ظاهر ۽ باطن هڪجهڙو رکون. **(2):** منافق خود فريبي ۾ مبتلا رهندا آهن، تنهنڪري اسان کي گهرجي ته اسان خود فريبي کان بچندا رهون، ٻين کي ڌوڪو ڏيڻ، ٻين تي ظلم ڪرڻ، الله پاڪ جي رحمت مان اميد جي بنياد تي گناهن ۾ مبتلا رهڻ، تڪبر وغيره اهي سڀ خود فريبي جون صورتون آهن، انهن کان به اسان کي بچڻ گهرجي. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. آمين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد



1 ...احیاء العلوم، کتاب ذم الکبر و العجب، جلد:3، صفحہ:328۔

www.dawateislami.net

# ڪلموءِ دعا (*Kalma&Dua*) ايپ جو تعارف

**پيارا اسلامي ڀائرو!** عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ تمام پياري موبائل ايپليڪيشن ”**ڪلموءِ دعا**“ *(Kalma & Dua)* جي نالي سان جاري ڪئي آهي. هن ايپليڪيشن جي ذريعي تمام آسان انداز سان ٻارن جي تربيت ڪري سگهجي ٿي ۞ هن ايپليڪيشن ۾ ٻارن جي لاءِ **6** ڪلما آڊيو جي صورت ۾ لفظن جي ادائيگي ۽ ترجمي سان ۞ روزمره جون **16** مختلف دعائون، مثلاً پاڻي پيئڻ جي دعا ۞ ڪاڏو کائڻ کان پهريان ۽ بعد ۾ پڙهي ويندڙ دعا ۞ کير پيئڻ جي دعا ۞ سمهڻ وقت جي دعا وغيره لفظن جي ادائيگي ۽ ترجمي سان ۽ مختلف موضوعن تي سنتون ۽ آداب وغيره شامل آهن. پنهنجي موبائل ۾ هيءَ ايپليڪيشن انسٽال ڪري فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي اچو ته هڪ شرعي مسئلو ٻڌون ٿا:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ مشهور غلطي جي نشاندهي)

**مسئلو:** مسجد جي فرش تي وضوءَ جا قطرا ڪيرائڻ گناهه آهي.

**وضاحت:** اسان وٽ هيءَ غلطي تمام عام آهي. عام طور ماڻهن کي مسئلو معلوم نه هوندو آهي، وضوخاني تي وضو ڪندا آهن ۽ وضوءَ وارا عضوا خشڪ ڪرڻ کان سواءِ ايئن ئي هٽ چنديندا

مسجد ۾ اچي ويندا آهن، نتيجي ۾ ڇا ٿيندو آهي؟ مسجد جي فرش تي، فراسين تي وضوءَ جي پاڻيءَ جا قطرا ڪرندا رهندا آهن، فراسيون گنديون ٿينديون آهن، انهن ۾ جراثيم پلجندا آهن ۽ اسان ڪي ئي نقصان پهچائيندا آهن. ان سان گڏوگڏ اها مسجد جي بي ادبي به آهي. مسجد الله پاڪ جو گهر آهي، ان جو ادب ڪرڻ نهايت ضروري آهي. تنهنڪري: ۞ حق ته اهو آهي ته اسان گهران وضو ڪري اچون ۞ جيڪڏهن مسجد ۾ ئي اچي وضو ڪريون ته به وضوخاني تي ئي وضوءَ جا عضوا ڪنهن حد تائين خشڪ ڪري بعد ۾ مسجد ۾ داخل ٿيون ته جيئن مسجد جي فرش تي وضوءَ جي پاڻي جا قطرا نه ڪرن ۞ اهڙي طرح پير به وضوخاني تي ئي سڪائي ڇڏجن ۞ ساڳي ريت ڏاڙهيءَ جو لحاظ رکڻ تمام ضروري آهي، ڏاڙهيءَ کي جيڪڏهن ڪپڙي وغيره سان خشڪ ڪيو وڃي تڏهن به ڪجهه قطرا وارن ۾ اٽڪيل رهجي ويندا آهن، تنهنڪري بهتر آهي ته وضوءَ کان پوءِ وضوخاني تي ئي ڏاڙهيءَ ۾ ڦڻي ڪري ڇڏجي، ان جي برڪت سان تنگدستي به دور ٿيندي آهي ۽ مسجد ۾ وضوءَ جو پاڻي ڪرڻ کان به حفاظت رهندي آهي ۞ مرحوم رڪنِ شوریٰ حاجي زم زم عطاري رَحمةُاللهِ عَلَيۡهِ جي عادت مبارڪ هئي ته نماز جي دوران سجدي واري جاءِ تي جتي ڏاڙهي هوندي آهي، اُتي ڪپڙو رکندا هئا ته جيئن ڏاڙهيءَ مان وضوءَ جي پاڻي جو باقي رهيل ڪو قطرو ٽپڪي به ته مسجد جي فرش تي نه پر پنهنجي ذاتي ڪپڙي تي ڪِري.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# اسماءُ الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

## يَاقَهَّارُ

جيڪڏهن ڪا مصيبت اچي وڃي تہ **100** ڀيرا الله پاڪ جو پيارو نالو يَاقَهَّارُ پڙهو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! مشڪل آسان ٿي ويندي.

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ اٰلِہٖ وَسَلَّم۔